# رنجش جا

## سبب ۽ علاج



**04-July-2019**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Sisters)

هرمبلغہ بيان ڪرڻ کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ تي ڀيرا پڙهي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# رنجشن جا سببَ ۽ علاج

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرُود شريف جي فضيلت

**سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو فَرمانِ رَحمت نِشان آهي: جيڪو مون تي دُرُود شريف پڙهندو آهي، ان جو دُرُود مونَ تائين پهچي ويندو آهي، مان ان جي لاءِ اِستغفار ڪندو آهيان ۽ ان کان عِلاوه ان جي لاءِ ڏھ (10) نيڪيون لکيون وينديون آهن.** (معجم اوسط ،من اسمہ احمد،١/ ۴۴۶،رقم: ١۶۴٢)

ذِکر و دُرُود ہر گھڑی وِردِ زَباں رہے　　میری فُضُول گوئی کی عادَت نکال دو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري ونون ٿيون. فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" **يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.** (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

✿ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندَس ✿ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وِچائي ويهندَس ✿ ضرورت پوڻ تي ٻين اسلامي ڀينرن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندَس ✿ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندَس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندَس ✿ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ واريءَ جي دِل جوئي جي لاءِ آهسته آواز سان جواب ڏيندَس ✿ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندَس-دوران بيان موبائل جي غيرضروري استعمال کان بچندَس،نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز ڇو تہ ان جي اجازت ناهي،جيڪو ڪجهه ٻُڌَندَس،اُن کي ٻڌي ۽ سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي بعد ۾ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اڄ جي هن هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع جي بيان جو موضوع آهي "رنجشن جو علاج"- جيئن تہ رنجشن جو علاج ان جا سبب ڄاڻڻ بغير ناممڪن آهي، تنهنڪري رنجشن جا سبب ۽ انهن جي تباھ ڪارين بابت مبارڪ آيتون، احاديثِ ڪريمہ ۽ نصيحت ۽ عبرت جا مدني گل هتي بيان ڪيا ويندا- اي ڪاش! اسان کي سچو بيان سنين سنين نيتن سان ٻڌڻ جي سعادت نصيب ٿي وڃي- آمين

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اَوس ۽ خَزرَج جو داستان

مدينہ منوره ۾ عرب جا ٻہ قبيلا رهندا هئا، هڪ جو نالو "اَوس" هو ٻئي جو نالو "خَزرَج" هو، اوس ۽ خزرج ڀيريان تہ وڏي اتفاق ۽ اتحاد سان گڏجي رهندا هئا، پوءِ عربن جي فطرت جي مطابق هنن ٻنهن قبيلن ۾ لڙائيون شروع ٿي ويون- ايستائين جو آخري لڙائي جيڪا "جنگ بُعاث" جي نالي سان مشهور

آهي، اها جنگ ايتري قدر خطرناڪ ۽ خونريز هئي جو هن ۾ اوس ۽ خزرج جا تقريبًا تمام نامور بهادر وڙهي وڙهي مري ويا، اهڙي طرح پاڻ ۾جهيڙن ۽ باهمي دشمنيءَ جي ڪري اهي ٻئي قبيلا بيحد ڪمزور ٿي ويا-

اِسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ رسولِ رحمت، شفيعِ امت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مقدس تعليم ۽ تربيت جي بدولت اوس ۽ خزرج جا تمام پراڻا اختلاف ختم ٿي ويا ۽ اهي ٻئي قبيلا پاڻ ۾ محبت ۽ پيار سان رهڻ لڳا- هنن ماڻهن اسلام ۽ مسلمانن جي بي پناه امداد ۽ نصرت ڪئي ان ڪري تاجدارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن خوش بختن کي ”انصار“ جي معزز لقب سان سرفراز فرمايائون- ايستائين جو انهن سان پيار کي ايمان جي نشاني قرار ڏنائون، حضرت سَيِدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ شاهِ بني آدم، تاجدارِ حرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون: ايمان جي نشاني انصار سان محبت ڪرڻ آهي ۽ منافقت جي نشاني انصار سان بغض رکڻ آهي-

(بخاري، کتاب مناقب الانصار، باب حبّ الانصار، ۵۵۵/۲، الحديث: ۳۷۸۴)

هڪ ڀيري اوس ۽ خزرج جا ڪجھ ماڻهو هڪ جاءِ تي گڏجي محبت ڀريون ڳالهيون ڪري رهيا ها تہ اتان کان هڪ يهودي لنگهيو، ان جڏهن ڏٺو تہ اسلام اوس ۽ خزرج جي وچ ۾ اختلافن کي ختم ڪري انهن کي محبت ۽ خلوص واري رنگ ۾ رنگي ڇڏيو آهي، اهو ڏسي اهو حسد ۾ مبتلا ٿي ويو ۽ ان هڪ يهودي نوجوان کي اهي نظمون ياد ڪرايون جيڪي بعاث جي جنگ جي باري ۾ اوس ۽ خزرج جي شاعرن چيون هيون، پوءِ ان کي چيائين وڃ اوس ۽ خزرج جي ميڙ ۾ ويهي انهن کي اهي نظمون ٻڌاءِ، جڏهن ان اهي نظمون ٻڌايون تہ اوس ۽ خزرج جا جذبات ڀيهر ڀڙڪي پيا ۽ ٻنهي چيو تہ اچو ڀيهر هڪ ٻئي سان وڙهون- ايستائين جو سيئي هٿيار کڻي جنگ جي ميدان ۾ پهچي ويا- جڏهن رسولِ ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ان جي خبر پئي تہ پاڻ وڏي تيزي سانَ ميدانِ جنگ پهتا، ڌرين کي روڪي فرمايائون: مان توهان جي وچ ۾ موجود آهيانَ ۽ توهان جاهليت جي جنگ وڙهڻ وڃي رهيا آهيو؟

پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نصيحت ٻڌي ٻنهي سمجهي ورتو تہ اها شيطاني چال ۽ يهودين جي سازش هئي، پوءِ ٻنهي توبہ ڪئي ۽ هڪ ٻئي کي

ٻَلِي لِڳايو ۽ محبت سان پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رهنمائي ۾ واپس پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن اچي ويا-

دنيا کے جھگڑوں سے یکسر چھڑا کر غیروں کی اُلفت کو دِل سے مٹا کر

شاہِ والا مجھے اپنا بنالو اپنا بنالو مجھے اپنا بنالو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!اوس ۽ خزرج جي هن داستان مان ٻه مدني گل حاصل ٿيا- هڪ مدني گل اهو مليوتہ جڏهن ٻه ڪٿي لڙائي جهيڙي جي باهہ ٻرڻ لڳي تہ هڪ سچي ۽ سني اسلامي ڀيڻ جو ڪم آهي تہ پنهنجي ڪريم آقاء مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نقشِ قدم تي هلندي لڙائي جهيڙي جي باهہ کي وِسائڻ جي ڪوشش ڪري- جڏهن تہ صلح صفائي جي نالي تي هتي جي ڳالهہ هُتي ڪرڻ، ڳڏوڳڏ مرچ مصالحو ٻہ شامل ڪرڻ، پاڻ ۾ تڪرار کي ويتر هوا ڏيڻ ۽ لڙائي جهيڙي جو خواهشمند رهڻ اهو شيطان جو طريقو آهي-

ٻيو مدني گل اهو ٻہ حاصل ٿيو تہ لڙائي جهيڙو امن جي فضا کي خراب ڪرڻ سان گڏوگڏ ڏرين کي ڪمزور ڪندو ۽ انهن کي معاشي ۽ معاشرتي نقصان ۾ مبتلا ڪندو آهي- جيئن تہ اوس ۽ خزرج جا قبيلا جڏهن جنگ ڪندا ها تہ انهن جو مال ٻہ ضائع ٿيندو هو، جانيون ٻہ ضائع ٿينديون هيون جڏهن تہ ملندو ڪجهہ ٻہ نہ هو بلڪ اهي بيحد ڪمزور ٿي ويندا ها- لڙائي جهيڙي جي انهن نقصانن جي پيشِ نظر چيو ويندو آهي تہ جهيڙو جهٽو شيطاني ڪم آهي- شيطان ئي هن ڪوشش ۾ رهندو آهي تہ ڪنهن نموني لڙائي جهيڙي جي باهہ ٻاري، جيئن تہ شيطان جي هن خطرناڪ وار سان خَبردار ڪندي سيپاري 15سُورهٴ بَني اِسرائيل جي آيت نمبر 53 ۾ اللّٰہ ڪريم اِرشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ الشَّیۡطٰنَ یَنۡزَغُ بَیۡنَہُمۡ ؕ اِنَّ الشَّیۡطٰنَ کَانَ لِلۡاِنۡسَانِ عَدُوًّا مُّبِیۡنًا ﴿۵۳﴾

ترجموڪنزالايمان: بيشڪ شيطان انهن جي وچ ۾ فساد وِجهي ٿو، بيشڪ شيطان ماڻهوَ جو کُليل دشمن آهي.

اهڙي طرح سيپارو 7 سُوْرَۃُ الْمَائِدَۃ جي آيت نمبر91 ۾ ارشادِ رحمٰن آهي:

اِنَّمَا يُرِيْدُ الشَّيْطٰنُ اَنْ يُّوْقِعَ بَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةَ وَالْبَغْضَآءَ (پ 7 المائدة 91)

ترجمو ڪنزالايمان: **شيطان تہ اهو گهري ٿو توهان ۾ وير ۽ دُشمني وجهي ڇڏي**

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان ڪيل آيت سڳورين کي سامهون رکندي جيڪڏهن اسان پنهنجي معاشَري تي نظر وجهون تہ اسان ڏسنديون سين تہ اڄ شيطان پنهنجي هن وار ۾ ڪامياب ٿيندو نظر پيو اچي، مثال طور ڪٿي ذات پات تي جهيڙو ٿي رهيو آهي تہ ڪٿي اجائي تَعَصُّب جي ڪري هڪ ٻئي سان تڪرار ٿي رهيو آهي، ڪٿي اِداري وارن سان گار گند جو سلسلو آهي تہ ڪٿي مُدَرِّسات ۽ طالبات پاڻ ۾ ڀَنِديون پيون آهن، ڪٿي زال مڙس جي وچ ۾ جهڳڙو زور پيو پڪڙي، تہ ڪٿي سس ننهن ۾ سخت ڪلامي جاري آهي، تہ ڪٿي مالڪ مڪان ۽ ڪرائيدارن ۾ هاٿا پائي ٿي رهي آهي، ڪٿي ڪنڊيڪٽر ۽ سُوارين ۾ اٽيڪٽ هلي رهي آهي، ڪٿي ڊاڪٽر ۽ مريض هڪ ٻئي سان بي صبري ڪري رهيا آهن، ڪٿي پاڙيسري هڪ ٻئي جي رت جا پياسا آهن تہ ڪٿي رشتيدارن ۾ خانہ جنگي جو ماحول گرم آهي، ڪٿي سالن جي سهيلين ۾ اٽيڪٽ ٿي پئي آهي تہ ڪٿي سڄو گهر ئي ميدانِ جنگ بڻيل آهي- جيڪڏهن اسان رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي فرمانن تي عمل پيرا هجون ها، تہ اڄ اسان جي معاشري ۾ رنجشن جي ڀرمار نہ هجي ها ۽ هر پاسي الفت ۽ محبت جا نظارا عام هجن ها-**

**اچو! لڙائي جهيڙن جي تباھ ڪارين تي مُشتَمِل چار (4) فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **ٻڌو ۽ عبرت جا مَدَني گل حاصل ڪريو:**

## جهيڙي جهٽي جي مذمت تي 4 فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

(1) **فرمايائون: ٻانهو اِيمان جي حقيقت ۾ ان وَقت تائين ڪمال کي نٿو پهچي سگهي، جيستائين هو حق تي هئڻ جي باوُجود جهيڙو نہ ڇڏي-**
(موسوعة ابن ابي الدنيا، كتاب الصمت ،۷/ ۱۰۱، حديث : ۱۳۹)

(2) **فرمايائون: جيڪو شخص اجايو جهيڙو ڪندو آهي، اهو هميشہ الله پاڪ**

جي ناراضي ۾ هوندو آهي، ايستائين جو ان کي ڇڏي ڏي- (موسوعة لابن ابي الدنيا، كتاب الصَّمْت وآداب اللِّسان، باب ذم الخصومات،١١١/٧، حديث: ١٥٣)

(3) فرمايائون: ڪا قوم هدايت تي رهڻ بعد گمراهہ ناهي ٿيندي پر جهيڙن جي سبب - (ترمذي ، كتاب التفسير، باب ومن سورة الزخرف،٥/ ١٧٠،حديث :٣٢٦٤)

(4) فرمايائون: الله پاڪ وٽ سڀ کان ناپسنديده شخص اهو آهي، جيڪو تمام گهڻو جهيڙاڪ هجي- (بخاري، كتاب المظالم، باب قول الله تعالي:وهو الد الخصامِ،٢/ ١٣٠،حديث:٢٤٥٧)

جڏهن تہ جيڪو جهيڙو نہ ڪري ان جي باري ۾ پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايائون: جيڪو غلطي تي هوندي جهيڙو ڪرڻ ڇڏي ڏي ان جي لاءِ جنت جي ڪناري تي هڪ گهر ٺاهيو ويندو ۽ جيڪو حق تي هئڻ باوجود جهيڙو ڇڏي ڏي ان جي لاءِ جنت جي وچ ۾ هڪ گهر ٺاهيو ويندو- (ترمذي ، كتا ب البروالصلة ، باب ماجاء في المراء ، حديث:٢٠٠٠ ، ٣ /٤٠٠)

اچو! اسان نيت ڪيون تہ آئنده ڪڏهن بہ لڙائي جهيڙي ۾ نہ پونديون سين ۽ هميشہ شريعت جي دائري ۾ رهي ڪري صلح صفائي جي ڪوشش ڪنديون سين-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بي وجهہ غصو

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** غُصّو (ڪاوڙ) بہ هڪ اهڙو خطرناڪ مرض آهي جيڪو وڏا وڏا فتنا پيدا ڪندو ۽ رنجشن جا دروازا کوليندو آهي- غُصّو نفس جي ان جوش جو نالو آهي جيڪو ٻين کان بدلو وٺڻ يا ان کي دَفع (دور) ڪرڻ تي اُڀاري- (مرآة المناجيح،٦/٦٥٥)

## بي وجهہ غُصّي سبب پيدا ٿيندڙ 16 بُرائين جي نشاندهي

بي وجهہ غُصّي (ڪاوڙ) سبب ڪوڙ ساريون برائيون پيدا ٿينديون آهن جيڪي آخِرت کي تباهہ ڪندڙ آهن، مَثال طور ❖ غصي جي سبب حسد پيدا ٿي ويندو آهي- ❖ غصي جي سبب غيبتون ٿينديون آهن- ❖ غصو چغلي هڻڻ

تي اپاريندو آهي- ❖ غصي سبب ڪينو پيدا ٿيندو آهي- ❖ غصو رشتيداري ختم ڪرائيندو آهي- ❖ غصو ڪوڙ ڊاڻهن وٺي ويندو آهي- ❖ غصي جي سبب انسان ماڻهن جي عزتن کي لتاڙيندو آهي- ❖ غصي سبب ٻين کي ڪم تر سمجهڻ جي گهٽيا سوچ پيدا ٿيندي آهي- ❖ غصي سبب فريقين ۾ گار گند جو سلسلو شروع ٿي ويندو آهي- ❖ غصو تڪبُّر ۾ مُبتَلا ڪندو آهي- ❖ غصو اجايو مار ڪٽ تي اپاريندو آهي- ❖ غُصّو ٻين جي ڪاٽ ڪرڻ تي اڪسائيندو آهي- ❖ غصي ڪرڻ سبب اِحسان فراموشي جهڙي خراب عادت پيدا ٿيندي آهي وغيره-

ڪجھ جي ڪاوڙ دل ۾ لڪيل هوندي آهي ۽ سالن تائين ختم ناهي ٿيندي ۽ انهيءَ ڪاوڙ جي ڪري هڪٻئي جي شادين ۽ غمين ۾ شرڪت ناهي ٿي سگهندي- ڪجھ اسلامي ڀينرون بظاهر نيڪ ٻه هجن پوءِ ٻه غُصّو دل ۾ لڪائي رکنديون آهن، ان جو اظهار هن طرح ٿيندو آهي جو جيڪڏهن ڀيريان ان تي اِحسان ڪنديون هيون ته هاڻي نٿيون ڪن، هاڻي ان سان حُسنِ سُلوڪ سان پيش نٿيون اچن، نه همدردي جو مُظاهرو ڪنديون آهن، جيڪڏهن ان کو اجتِماعِ ذڪرونعت وغيره جو اِهتِمام ڪيو ته مَعاذَاللّٰه صرف نفس جي خاطر ٿيندڙ ناراضي ۽ غُصي جي ڪري ان ۾ شرڪت ڪان پنهنجو پاڻ کي محروم ڪنديون آهن- ڪجھ رشتيدار اهڙا ٻه هوندا آهن جو ان سان چاهي ڪيترو ٻه سٺو سُلوڪ ڪيو وڃي پر پوءِ ٻه اهي ناهن سڌرندا، بهرحال اسان کي مايوس نه ٿيڻ گهرجي- ”جامعِ صغير“ ۾ آهي:صِلْ مَنْ قَطَعَکَ يعني ”جيڪو توسان رشتو ٽوڙي تون ان سان ڳنڍ-“ (جامع صغير،ص٣٠٩، حديث:٥٠٠٤)

اچو! اسان نيت ڪريون ٿيون ته آئنده بلاوجھ غصو نافذ ڪرڻ کان بچڻ جي پوري ڪوشش ڪنديون سين-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## چغلي

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! چغلي ٻه هڪ اهڙي منحوس بيماري آهي

جيڪا ڪوڙ شين جي تباهي ۽ بربادي ۽ پاڻ ۾ رنجشن جو سبب بڻجندي آهي-

## چغلي ڇا ڪي چئبو آهي؟

امام نَوَوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان منقول آهي: ڪنهن جي ڳالهه نقصان پهچائڻ جي ارادي سان ٻئي تائين پهچائڻ چُغلي آهي- (عمدة القاري،۵۹۴/۲، تحت الحديث: ۲۱۶)

ماڻهن جي وچ ۾ فساد وجهڻ جي لاءِ هڪ جي ڳالهه ٻئي تائين پهچائڻ کي چغلي چئبو آهي- (الزواجر عن اقتراف الكبائر، الباب الثاني، الكبيرة الثانية والخمسون بعد المأتين: النميمة، ۴۶/۲)

## چغل خوري جون تباهہ ڪاريون

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! افسوس تمام گهڻو افسوس! اڄ اسان جي معاشري ۾ چغليءَ جو مرض تيزي سان عام ٿيندو پيو وڃي- پهريان جي ماڻهن ۾ احترامِ مسلم جو جذبو گهڻو موجود هو ۽ هر هڪٻئي جي عزت جي حفاظت ڪندو هو پر افسوس! هاڻي هر پاسي نفرتن جون ديوارون قائم ٿي چڪيون آهن- چغلي جي هن تباهہ ڪندڙ بيماري جي سبب ڇڻ تہ گهر گهر ميدانِ جنگ بڻيل آهي، ڪالهہ تائين جيڪي هڪ ٻئي تي جان قربان ڪرڻ جي دعويٰ ڪنديون هيون، جيڪي هڪ ٻي جي عزّت جي حفاظت ڪرڻ واريون هيون، جن جي دوستي ۽ انهن جي اِتِّفاق ۽ اِتّحاد جا مثال ڏنا ويندا هئا، جن کي هڪ ٻي جي خلاف هڪ لفظ ٻڌڻ بہ پسند نہ هو، جيڪي بُري وَقت ۾ هڪ ٻئي جي ڪم اينديون هيون، جيڪي هڪ ٻئي کي نيڪي جي ڪمن جون ترغيبون ڏيارينديون هيون، چغل خوري جهڙي مَنحوس شيطاني ڪم جي نَحوست جي سبب اُنهن جي وچ ۾ نفرتن جون اهڙيون تہ مضبوط ديوارون قائم ٿي وينديون آهن جو پوءِ اهي هڪٻئي کي ڏسڻ بہ پسند ناهن ڪنديون، ائين سمجهو تہ جهڙي طرح باهہ گهرن، فيڪٽرين، ڪمپنين، گودامن، جنگلن، ڳوٺن، ۽ مختلف شين کي ڪلاڪن بلڪ مِنٽن ۾ ساڙي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيندي آهي، اهڙي طرح نسل، قومن، گهرن، خاندانن، ادارن، تنظيمن ۽ تحريڪن جو اَمن خراب ڪرڻ ۽ دلين ۾ نفرتون ڦهلائڻ ۾ اڪثر چغل خوري ئي جون تباهہ ڪاريون نظر اينديون آهن-

اچو! عبرت جي لاءِ 3 فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظہ ڪريو:

## چغليءَ بابت 3 فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

1. ارشادفرمايائون: غيبت ۽ چغلي ايمان کي اهڙي طرح ڪپي ڇڏينديون آهن جيئن ٻڪرار وڻ کي ڪٽي ڇڏيندو آهي- (الترغيب و الترهيب ، كتاب الادب ، رقم: ۴۳۶۲،ج۳،ص ۴۰۵)

2. ارشاد فرمايائون: چغلي هڻڻ جي لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ وارا، دوستن جي وچ ۾ جدائي وجهڻ وارا ۽ بي عيب ماڻهن جا عيب ڪڍڻ وارا الله پاڪ جا بد ترين ٻانها آهن. (مسند امام احمد،مسند الشاميين، حديث عبد الرحمن بن غنم الاشعري، ۲۹۱/۶، حديث:۱۸۰۲۰)

3. ارشاد فرمايائون: لَايَدْخُلُ الْجَنَّةَ قَتَّاتٌ يعني چغل خور جنت ۾ داخل نہ ٿيندو- (بخاري، كتاب الادب، باب مايكره من النميمة،۱۱۵/۴ ،حديث۶۰۵۶)

بيان ڪيل آخري حديثِ سڳوري جي حوالي سان حڪيمُ الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: قَتَّات اهو شخص آهي جيڪو ٻن مخالفن جون ڳالهيون لڪي ٻڌي ۽ پوءِ انهن کي وڌيڪ وڙهائڻ جي لاءِ هڪ جي ڳالهہ ٻي تائين پهچائي جيڪڏهن اهو شخص ايمان تي مئو تہ جنت ۾ ابتدائن تہ نہ ويندو بعد ۾ وجي تہ وجي، جيڪڏهن ڪفر تي مئو تہ ڪڏهن اتي نہ ويندو. (مرآة المناجيح،۴۵۲/۶)

اچو! اسان نيت ڪريون ٿيون تہ آئنده نہ چغلي هڻنديون سين ۽ نہ ئي چغلين تي ڌيان ڏينديون سين-

محبتن جا چور...... چغل خور...... چغل خور.....
محبتن جا چور...... چغل خور...... چغل خور.....

قفلِ مدينہ ----لگا رہے گا---- اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪوڙ

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! رنجشن ۽ پاڙ ۾ اٽڪٽ جو هڪ اهم سبب ڪوڙ ڳالهائڻ بہ آهي-

## ڪوڙ جي تعريف

ڪنهن جي باري ۾ خلافِ حقيقت خبر ڏيڻ (ڪوڙ چورائيندو آهي)- قائل (يعني ڪوڙي خبر ڏيندڙ وارو) گنهگار ان وقت ٿيندو جڏهن تہ (بلاضرورت) ڄاڻي واڻي ڪوڙ ڳالهائي- (حديقةندية،القسم الثاني،المبحث الاول، ۴/ ۱۰)

اچو! حديث سڳورين ۾ بَيان ڪيل ڪوڙ جون مُختلف تباھ ڪاريون ٻڌون ٿيون، جيئن

## ڪوڙ جا ڀيانڪ نتيجا:

❖ جڏهن ٻانهو ڪوڙ ڳالهائيندو آهي، ان جي بَدبُو سبب ملائڪ هڪ مِيل پري ٿي ويندو آهي- (ترمذي، ڪتاب البر والصلة، باب ماجاء في الصدق والڪذب، الحديث: ۱۹۷۹،۳/ ۳۹۲) ❖ ڪوڙ ڳالهائڻ سڀ کان وڏي خِيانت آهي- (سنن ابي داود، ڪتاب الادب، باب في المعاريض،الحديث:۴۹۷۱،۴/۳۸۱) ❖ ڪوڙ ايمان جو مُخالِف آهي- (مسنداحمد،مسند ابي بڪر الصديق،۲۲/۱،حديث:۱۶) ❖ ماڻهن کي کلائڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ واري جي لاءِ هلاڪت آهي- (ترمذي،ڪتاب الزهد، باب ماجاء من تڪلم بالڪلمة ليضحڪ الناس، الحديث:۲۳۲۲، ۴/۱۴۲) ❖ ماڻهن کي کلائڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ وارو جهنَّم جي ايتري اونهائي ۾ ڪرندو آهي جيڪو آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ فاصلي کان وڌيڪ آهي- (شعب الايمان، باب في حفظ اللسان، الحديث:۴۸۳۲، ۴/۲۱۳) ❖ ڪوڙ ڳالهائڻ سان مُنهن ڪارو ٿي ويندو آهي- (شعب الايمان، باب في حفظ اللسان، الحديث:۴۸۱۳، ۴/۲۰۸) ❖ ڪوڙي ڳالھ ڪرڻ ڪبيره گُناھ آهي- (المعجم الڪبير،۱۴۰/۱۸،حديث:۲۹۳ ملخصاً) ❖ ڪوڙ ڳالهائڻ مُنافِق جي عَلامتن مان هڪ علامت آهي- (مسلم، ڪتاب الايمان، باب خصال المنافق،ص:۵۳، حديث:۲۱۰) ❖ ڪوڙ ڳالهائڻ وارا قِيامت جي ڏينهن، اللّٰه جي ويجهو سڀ کان وڌيڪ ناپسنديده اَفراد ۾ شامِل هوندا- (ڪنز العمال، ۳۹/۱۶، حديث:۴۴۰۳۷)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اوهان ڏٺو تہ ڪوڙ آخِرت جي لاءِ ڪيترو نُقصان دِہ آهي- ان ڪري عَقلمند اها ئي آهي جيڪا ڪوڙ کان پيڇو ڇڏائي هميشہ سچ جو دامَن پڪڙي رکي- سچ ڳالهائڻ سان اسان نہ صِرف ڪوڙ جي هنن وَعِيدن کان بچي وينديون سين بلڪ سچ ڳالهائڻ جي فائدن سان بہ مالامال ٿينديون سين- جيئن

## سچ ڳالهائڻ جا ڏهه فائدا:

حڪيمُ الامّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: (1) جيڪو شَخص سچ ڳالهائڻ جو عادي ٿي وڃي، الله اُن کي نيڪوڪار بڻائي ڇڏيندو- (2) ان جي عادت سُنن ڪمن جي ٿي ويندي- (3) اُن جي بَرَڪت سان اهو مرڻ وَقت تائين نيڪ رهندو- (4) بُرائين کان بچندو- (5) جيڪو الله جي ويجهو صِدّيق ٿي ويندو ان جو خاتِمو چڱو ٿيندو- (6) اهو هر قسم جي عَذاب کان مَحفُوظ رهندو- (7) هر قسم جو ثَواب ماڻيندو- (8) دُنيا ۾ اُن کي سچّو چوڻ، چڱو سمجهڻ لڳندي آهي- (9) اُن جي عزّت ماڻهن جي دِلين ۾ ويهي رهندي آهي- (مرآة المناجيح، ج۶/۴۵۲) (10) سچ هڪ اهڙو نُور آهي جيڪو سچ ڳالهائڻ وارن جي دلين جي هدايت جو سبب بڻجندو آهي، جيتري قَدَر اُنهن کي پنهنجي رَبّ جو قُرب حاصِل هوندو آهي، اوتري قدر ئي انهن کي اهو نُور حاصِل ٿيندو ويندو آهي- (روح البيان، پ۲۲، الاحزاب، تحت الاية:۳۵، ۷/۱۷۵)

اچو! اسان نيت ڪريون ٿيون ته آئنده ڪوڙ کان بچنديون سين ۽ هميشه سچ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪنديون سين-

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## گارگند

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان گهريلو رنجشن ۽ جهيڙن جهٽن جي ڪارڻ ۽ سببن بابت بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيون هيون سين، يقيناً هر اسلامي ڀيڻ کي خبر آهي ته گارگند به انهن عملن مان آهي جيڪو ڪوڙ مصيبتن، رنجشن ۽ جهيڙن جو سبب ٿيندو آهي، ان ڪري هن نحوست کان به پاڻ کي بچايو، اڄ بد قسمتي سان اسان جي گهرن ۾ به گار گند جو معاملو عام ٿي ويو آهي اهو ئي سبب آهي جو گهر جا ٻار پڻ ان ڪري ننڍڙي عمر ۾ ئي گاريون سکي وينداآهن، اهڙي طرح انهن جي تربيت تي برو اثر پوندو آهي، اهڙي طرح ٻاهر جو ماحول به بري طرح گارين جي وڪڙ ۾ اچي چڪو آهي، گار ڏيڻ گناهه ۽ مسلمان جي شان کان گهٽو پري آهي ڪوڙ حديث سڳورين ۾ هڪ ٻئي کي گار ڏيڻ جي مذمت بيان ڪئي وئي آهي، جيئن

(1) ارشاد فرمايائون: مسلمان مسلمان جو ڀاءُ آهي، هو ان تي ظلم ناهي ڪندو ۽ نہ ان کي گار ڏيندو آهي- (شرح السنه، كتاب البر والصلة، باب الستر، ۴۸۹/۶، الحديث: ۳۴۱۲)

(2) ارشاد فرمايائون: پاڻ ۾ گار ڏيڻ وارا بہ ماڻهو جيڪو ڪجھ چون تہ اهو (يعني ان جو وَبال) اڳرائي ڪرڻ واري تي آهي جيستائين مظلوم حد کان نہ وڌي- (مسلم، كتاب البر والصلة والآداب، باب النهي عن السباب، ص۱۳۹۶، الحديث: ۶۸ (۲۵۸۷))

اچو! اسان نيت ڪريون ٿيون تہ گارگند کان بچنديون سين-

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## غيبت

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان ناچاقي رنجش جي سببن ۽ انهن جي تباھ ڪارين بابت ٻڌي رهيون هيون سين- ياد رهي! ناچاقي جو هڪ سبب غيبت بہ آهي- غيبت ان کي چئبو آهي جو انسان جي ڪنهن اهڙي عيب جو ذِڪر ڪرڻ، جيڪا ان ۾ موجود هجي تہ غيبت آهي، هاڻي اهو عيب چاهي ان جي دين، دنيا، ذات، اَخلاق، مال، اولاد، لباس، چُر پُر، مسڪراهٽ، وغيره ڪنهن بہ اهڙي شيء ۾ هجي، جيڪا ان سان تعلق رکي ٿي- چيو ويندو آهي: غيبت ۾ ڪجور جهڙي مناڻ ۽ شراب جهڙي تيزي ۽ سرور آهي- الله ڪريم هن آفت کان اسان جي حفاظت فرمائي - (اَلزَّواجِر،۲ / ۲۵،۲۴)

ياد رکو! ❖ غيبت جي ڪري خوشحال گهر اُجڙي ويندا آهن، ❖ غيبت جي سبب سالن جون دوستيون ختم ٿي ينديون آهن، ❖ غيبت جي ڪري رشتا ٽٽي پوندا آهن، ❖ غيبت ايمان کي ڪپي ڇڏيندي آهي- ❖ غيبت بُري خاتمي جو سبب آهي- ❖ ڪثرت سان غيبت ڪرڻ واريءَ جون دعائون قبول ناهن ٿينديون، ❖ غيبت سان نَماز روزي جي نورانيت ختم ٿي ويندي آهي- ❖ غيبت سان نيڪيون برباد ٿينديون آهن- ❖ غيبت نيڪيون ساڙي ڇڏيندي آهي- ❖ غيبت ڪرڻ وارا قيامت ۾ ڪُتي جي شڪل ۾ اتاريا ويندا ❖ غيبت ڪرڻ واري کي دوزخ ۾ پنهنجو ئي گوشت کائڻو پوندو ۽ ❖ قرانِ ڪريم ۾

غيبت ڪرڻ کي مُرده ڀاءُ جو گوشت کائڻ جي مترادف قرار ڏنو ويو آهي، جيئن

پاره 26سُورَۃُ الحُجُرَات جي آيت نمبر 12 ۾ الله ڪريم جو فرمانِ عبرت نشان آهي:

وَلَا يَغْتَبْ بَّعْضُكُمْ بَعْضًا ؕ اَيُحِبُّ اَحَدُكُمْ اَنْ يَّاْكُلَ لَحْمَ اَخِيْهِ مَيْتًا فَكَرِهْتُمُوْهُ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ هڪ ٻئي جي گلا نہ ڪريو. ڇا توهان مان ڪو پسند ڪندو جو پنهنجي مئل ڀاءُ جو گوشت کائي . اهو توهان کي نہ وڻندو .

(پ۲۶،الحجرات:۱۲)

اچو نيت ڪريون ٿيون تہ نہ ئي غيبت ڪنديون سين ۽ نہ ئي غيبت ٻڌنديون سين

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## صلح ڪري وٺو

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان رنجشن جا سبب ۽ انهن جي تباھ ڪارين جي باري ۾ ٻڌو، الله ڪري تہ اسان غصو، ڪوڙ، غيبت، چغلي گارگند وغيره ڇڏي ڏيون، الله پاڪ جي پاڪ بارگاھ ۾ سچي توبھ ڪيون ۽ سيني رنجشن کي ختم ڪري پاڻ ۾ صلح ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون-

ياد رکو! صلح ڪرڻ ۽ ڪرائڻ رب ڪريم کي خوش ڪرڻ وارو ڪم آهي، صلح ڪرڻ سان الله پاڪ راضي ٿئي ٿو، صلح ڪرائڻ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري سنت آهي، صلح ڪرائڻ اسلاف جو معمول رهيو آهي، صلح ڪرڻ ۽ ڪرائڻ سان مسلمانن جون دليون خوش ٿينديون آهن، صلح ڪرڻ ۽ ڪرائڻ سان شيطان ناراض ٿيندو آهي، صلح ڪرڻ سان الله پاڪ جي رحمت لهندي آهي ايستائين جو قيامت جي ڏينهن ربّ ڪريم پنهنجي ٻانهن جي وچ ۾ صلح ڪرائيندو- اچو! هن باري ۾ هڪ تمام ئي پياري روايت ٻڌون ٿيون،

## الله پاڪ صُلح ڪرائيندو

اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رِسالي "رنجشن جو علاج" صفحي نمبر30 کان 32 تي لکن ٿا: حضرت سَيدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن رحمت عالم، شاھ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی

عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما هئا- پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تَبسُّم فرمايائون (يعني مُرڪيا)- اميرُالمُؤمنين حضرت سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ عرض ڪيو: "يارَسُولَ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان تي منهنجا ماءُ پيءُ قربان! توهان کهڙي سبب مرڪيا؟ ارشاد فرمايائون، منهنجا ٻہ امّتي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ گوڏن ڀر ڪِرندا، هڪ عرض ڪندو، ياالله هن ڪان مون کي انصاف ڏيار جو هن مون تيَ ظلم ڪيو هو. الله پاڪ مدعي (يعني دعويٰ ڪرڻ واري) کي فرمائيندو، هاڻي هي ويچارو (يعني جنهن تي دعويٰ ڪئي وئي آهي اهو) ڇا ڪري هن وٽ تہ ڪا نيڪي باقي ناهي. مظلوم (يعني دعويٰ ڪرڻ وارو) عرض ڪندو، منهنجا گناهہ هن جي ذمي وجهي ڇڏ. ايترو ارشاد فرمائي ڪري سرور ڪائنات شاهِ موجودات صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روئي ڏنو، فرمايائون اهو ڏينهن تمام عظيم ڏينهن هوندو، ڇو تہ ان وقت (يعني قيامت جي ڏينهن) هر هڪ هن ڳالهہ جو ضرورتمند هوندو تہ ان جو بار هلڪو ٿئي. الله پاڪ مظلوم (يعني دعويٰ ڪرڻ واري) کي فرمائيندو ڏس تنهنجي سامهون ڇا آهي؟ اهو عرض ڪندو، اي پروردگار! مان پنهنجي سامهون سون جا وڏا شهر ۽ وڏا وڏا محل ڏسي رهيو آهيان، جيڪي موتين سان سينگارِيل آهن، هي شهر ۽ عمده محل ڪهڙي پيغمبر يا صديق يا شهيد جي لاءِ آهن؟ الله پاڪ فرمائيندو: هي ان جي لاءِ آهن جيڪو انهن جي قيمت ادا ڪري. ٻانهو عرض ڪندو ان جي قيمت ڪير ادا ڪري سگهي ٿو؟ الله پاڪ فرمائيندو، تون ادا ڪري سگهين ٿو . اهو عرض ڪندو اهو ڪهڙي طرح؟ الله پاڪ فرمائيندو، هن طرح جو تون پنهنجي ڀاءُ جا حق معاف ڪري ڇڏ. ٻانهو عرض ڪندو، ياالله مان سڀ حق معاف ڪيا. الله پاڪ فرمائيندو: پنهنجي ڀاءُ جو هٿ پڪڙ ۽ ٻئي گڏجي جنّت ۾ هليا وڃو، پوءِ سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهہ ابرار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ کان ڊڄو ۽ مخلوق ۾ صلح ڪرايو ڇو تہ الله پاڪ بہ قيامت جي ڏينهن مسلمانن ۾ صلح ڪرائيندو. (مستدرڪ،۵/۷۹۵،حديث:۸۷۵۸)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!2 ذُوالقَعدَةِ الحَرَام تي صدرُالشريعہ، حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو عُرس مبارَڪ ملهايو ويندو آهي- اچو! هن مُناسَبَت سان صَدرُالشريعہ رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي سيرتِ مُبارَڪ هڪ نظر ۾ ملاحَظ ڪريو....

## نالو ۽ نسب، ولادت ۽ وصال

پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جو نالو محمد امجد علي، والد جو نالو حڪيم جمال الدين ۽ ڏاڏي جو نالو مولانا خدا بخش آهي- صدرُالشّريعہ مفتي محمدامجد علي اعظمي رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي ولادتِ باسعادت 1300هجري بمطابق1882 عيسوي ۾ مشرقي يوپي (هِند) جي علائقي مَدِیۡنَۃُ الۡعُلَمَاء گهوسي سابقہ ضلع اعظم ڳڙهہ حال ضلع مئو ۾ ٿي- 1367 هجري جي ٻي رات 12 وڳي 26 منٽ تي بمطابق 6 سيپٽمبر 1948 تي وفات ڪيائون، مدينۃ العُلَمَاء گهوسي (ضلع اعظم ڳڙهہ) ۾ سندن مزار زيارت گاهہ خاص ۽ عام آهي-

## صَدرالشّريعہ جو شان ۽ عظمت جون جهلڪيون

❖ صدر الشّريعہ کي سيدي اعليٰ حضرت جهڙي مجدّدِ دِين وملّت، امامِ اهلسنّت هِند جو قاضي اسلام مقرر فرمايائون- ❖ صدر الشّريعہ کي اعليٰ حضرت پنهنجي خلافت عطا فرمائي هئي- ❖ صدر الشّريعہ مُرشد جي آستاني جا وفادار هئا- ❖ صدر الشّريعہ ننڍن ٻارن تي نهايت شفيق ۽ مهربان هئا- ❖ صدر الشّريعہ سنّت تي عمل ڪندي گهر جو ڪم ڪار انتهائي مصروفيت جي باوجود پاڻ پنهنجي هٿن سان ڪندا هئا- ❖ نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سنّتن تي سختي سان عمل ڪندا هئا- ❖ سندن خصوصيتن مان اهو بہ هو جو پاڻ گهر يا ٻاهر ڪڏهن بہ نماز قضا نہ ڪندا هئا، شديد بيماري ۾ بہ نماز جي پابندي ڪندا هئا- ❖ باجماعت نماز جو اهڙو جذبو هو جو مرحبا! جيڪڏهن ڪڏهن مؤذن مقرر وقت کان ليٽ ٿي ويندو هو تہ پاڻ ئي آذان ڏيندا هئا- ❖ روزن سان اهڙي محبت هئي جو سخت بيماري ۾ بہ روزا نہ ڇڏيندا هئا- ❖ ڪيتري ئي مصروفيت ڇو نہ هجي فجر نماز کان پوءِ قرآنِ پاڪ جي هڪ سيپاري جي تلاوت ڪندا هئا- ❖ جمعي نماز کان پوءِ بِلاناغہ 100 ڀيرا دُرودِ رضويہ پڙهندا هئا- ❖ پنهنجي اولاد ۽ شاگردن جي عملي تعليم ۽ تربيت جو خصوصي خيال ڪندا هئا- ❖ خليفہ اعليٰ حضرت صدر الشّريعہ، اهڙا عاشقِ رسول هئا، جڏهن نعت شريف ٻڌندا هئا تہ ادب طور ٻئي هٿ ٻڌي اکيون بند ڪندا هئا ۽ اکين مان عشقِ رسول ۾ لڙڪ وهڻ لڳندا هئا- ❖ سندن وفات سفرِ مدينہ ۾ ٿي- ❖ سندن مبارڪ مزار مان پاڪيزه خوشبو ڪيئي ڏينهن تائين محسوس ڪئي وئي- ❖ سندن نهايت وڏو علمي ڪارنامو هي آهي تہ پاڻ اُمّتِ

مصطفي کي عالم بڻائڻ وارو ڪتاب يعني ”بهارِ شريعت“ عطا ڪيو-

جس کے دم سے بہارِ شریعت ملی
ایسے صدرِ شریعت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## صلح ڪرڻ بابت مدني گل

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** اچو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي صلح بابت مدني گل ٻڌون ٿيون: مسلمانن جي وچ ۾ صُلح ڪرائڻ سُنّت الٰهيہ آهي- (فيصله ڪرڻ کے مدني پھول،ص۳۱ملخصاً)**حديثِ پاڪ ۾ آهي:** مخلوق ۾ صُلح ڪرايو ڇوتہ الله ڪريم بہ بروزِ قيامت مسلمانن ۾ صُلح ڪرائيندو- (مستدرک، ۷۹۵/۵, حديث:۸۷۵۸) جيڪو شخص ماڻهن ۾ صُلح ڪرائيندو آهي الله پاڪ ان کي هر ڪلمي جي بدلي هڪ غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب عطا ڪندو آهي ۽ ان جا اڳوڻا (صغيره) گناهہ معاف ڪندو آهي- (الترغيب والترهيب،ڪتاب الادب، باب اصلاح بين الناس، رقم: ۳۲۱/۹،۳ ملتقطاً) اهڙي صلح جائز ناهي جنهن جي سبب حلال کي حرام ڪرڻو پوي. جيئن حُضورِ اَقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: مُسلمانن جي وچ ۾ صُلح ڪرائڻ جائز آهي پر اها صُلح (جائز ناهي) جيڪا حَرام کي حَلال يا حَلال کي حرام ڪري- (ابوداود، ڪتاب الاقضية، باب في الصلح،۴۲۵/۳،حديث:۳۵۹۴) ياد رهي! بدمذهب عورتن سان دوستي ۽ تعلق نہ رکڻ گهرجي ۽ نہ ئي انهن سان رشتيداري قائم ڪرڻ گهرجي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں ۽ آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙهفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ! **آئنده جمعرات** ٿيندڙ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ اسان موت جي حوالي سان بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنديون سين ته موت ڇا آهي، هن باري ۾ آيتون سڳوريون، حديث سڳوريون انهن جي روشنيءَ ۾ حاصل ٿيڻ وارا مدني گل، بزرگانِ دين جا واقعا ۽ ٻيا ڪيئي مدني گل بيان ڪيا ويندا، لهٰذا! **آئنده اربع به** اجتماعَ ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نه صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين کي به گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ کڻي چئو: اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد